SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1970
SINDH ORDINANCE NO. I OF 1970
اولهه پاڪستان جو روينيو بورڊ وارو (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1970
The West Pakistan Board of Revenue (Sindh Amendment) Ordinance, 1970

فهرست (CONTENTS)

تمهيد
Preamble
1. مختصر عنوان ۽ عمل درآمدي
Short title and commencement
2. 1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ XI ۾ لفظن "اولهه پاڪستان" جي لفظ "سنڌ" سان تبديلي:
Substitution of "West Pakistan" by "Sind" in W.P. Act XI of 1957
3. 1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه 1 (Section) جي تبديلي:
Amendment of s.1 of W.P. Act, XI of 1957
4. 1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه 1 (Section) جي تبديلي:
Amendment of s.2 of W.P. Act, XI of 1957
5. 1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه 2 (Section) جي ترميم:
Amendment of s.3 of W.P. Act, XI of 1957
6. 1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه 3 (Section) جي ترميم
Amendment of s.5 of W.P. Act, XI of 1957

7. 1957ع جي اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 5 جي ترميم.

Amendment of s.6 of W.P. Act, XI of 1957

8. 1957ع جي اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 6 جي ترميم.

Amendment of s.6 of W.P. Act, XI of 1957

9. 1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 10 ۽ 11 جي منسوخي.

Repeal of sections 10 and 11 of W.P. Act XI 1957

سنڌ آردينننس نمبر I مجريه 1970

SINDH ORDINANCE NO. I OF 1970

اولهه پاڪستان جو روينيو بورڊ وارو (سنڌ ترميمي) آردينننس، 1970

THE WEST PAKISTAN BOARD OF REVENUE(SINDH AMENDMENT) ORDINANCE,1970

تمهيد
Preamble

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان جي روينيو بورڊ ايڪٽ 1957 ۾ ترميم (Amendment) آڻڻ جو آردينننس.

جيئن ته سنڌ صوبي لاءِ اولهه پاڪستان جي روينيو بورڊ ايڪٽ 1957 ۾ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي:

مختصر عنوان ۽ عمل درآمدي
Short title and commencement

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي پوئواري ۽ عبوري آئيني حڪم (PCO) جي روشنيءَ ۾ مليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آردينننس لاڳو (Promulgate) ڪيو آهي:-

1. (1) هي آردينننس، اولهه پاڪستان روينيو بورڊ (سنڌ ترميمي) آردينننس، 1970 سڏيو ويندو.

1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ XI ۾ لفظن "اولهه

(2) اهو پهرين جولاءِ 1970 کان نافذ العمل هوندو.

پاڪستان" جي لفظ "سنڌ" سان تبديلي:
Substitution of "West Pakistan" by "Sind" in W.P. Act XI of 1957

2. اولهه پاڪستان بورڊ آف ريونيو ايڪٽ 1957ع، ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ، ايڪٽ ۾ مذڪوره لفظن ،"ويسٽ پاڪستان" جتي به اهي لفظ اچن، دفعي (Section) 1 جي ذيلي دفعه (Sub-Section) (1) کانسواءِ، اتي لفظ "سنڌ" وڌو ويندو.

1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 1 جي تبديلي:
Amendment of s.1 of W.P. Act, XI of 1957

3. مذڪوره ايڪٽ جي دفعه (Section) 1 ۾ (a) ذيلي دفعه (Sub-Section) (2) لاءِ، هيٺيون ذيلي دفعه (Sub-Section) وڌو ويندو، يعني،

"(2) اهو سڄي سنڌ صوبي سان لاڳو ڪيو ويندو."، ۽

1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 1 جي تبديلي:
Amendment of s.2 of W.P. Act, XI of 1957

(b) ذيلي دفعه (Sub-Section) (3) حذف (Omitted) ڪيو ويندو.

4. مذڪوره ايڪٽ جي دفعه (Section) 2 ۾، موجود شق (i) کي پيهر نمبر

شق (i-a) ڏنو ويندو، ۽ ايئن نمبر ڏيڻ کان اڳ هيٺين نئين شق (Clause) وڌي ويندي، يعني،

1957ع واري اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 2 جي ترميم:
Amendment of s.3 of W.P. Act, XI of 1957

"(i) "واڌو رڪن" (Additional Member) مطلب بورڊ آف ريونيو جو هڪ واڌو (Additional Member) رڪن.

1957ع واري اولهه

5. مذڪوره ايڪٽ جي دفعه (Section) 3 ۾ (i) ذيلي دفعه (Sub-Section) (1) ۾، لفظ "ميمبر" ۽ لفظ "جيئن" وچ ۾، لفظ "۽ اضافي ميمبر" وڌا (Inserted)

ويندا، ۽

(ii) ذيلي دفعه (Sub-Section) (2) ۾، لفظ "Member" ۽ آخر ۾ پورو دم (Full Stop) وچ ۾ لفظ "or an Additional Member" وڌا ويندا.

پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 3 جي ترميم
Amendment of s.5 of W.P. Act, XI of 1957

6. مذڪوره ايڪٽ جي دفعه (Section) 5 ۾، ذيلي دفعه (Sub-Section) (3) حذف ٿي ويندو(Omitted).

1957ع جي اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 5 جي ترميم.
Amendment of s.6 of W.P. Act, XI of 1957

7. مذڪوره ايڪٽ جي دفعه (Section) 6 ۾، ذيلي دفعه (Sub-Section) (3) کانپوءِ، هيٺين وضاحت (Explanation) وڌي ويندي، يعني،

1957ع جي اولهه پاڪستان ايڪٽ، XI جي دفعه (Section) 6 جي ترميم.
Amendment of s.6 of W.P. Act, XI of 1957

"وضاحت: هن دفعه (Section) ۾ ۽ دفعه (Section) 7 ۾، "ميمبر" يا "ميمبرز" سان گڏ ايڊيشنل ميمبر يا ميمبرز وضاحت طور شامل ڪيا ويندا.

8. مذڪوره ايڪٽ جا دفعه (Section) 10 ۽ 11 منسوخ ڪيا ويندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.